ڊاڪٽر رشدالله شاهه بخاري
حسام الدين ميراڻي

# علي بابا جي ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي لاڙي جو جائزو

**Abstract:**

*This study explores the literary dimensions, socio-economic and socio-political foundations of social realism in the work of renowned Sindhi author Ali Baba. Through critical examination of his selected short stories, this study inspects how Ali Baba employs, characterization, narrative technique and representation to demonstrate the class variances, injustice, struggle and lived realities of marginalized class in society. The analysis places the stories within the broader framework of social realism, emphasizing the author's attachment and commitment to uncovering systematic inequalities, poverty, socio- economical and socio-political flaws of his time period. By a close reading of these text the research describes how Ali Baba transforms literature into a medium of resistance, social critique and as the voice of voiceless by challenging dominant power structures. Finally the research argues that Ali Baba's stories serve not only as a reflection of social condition and a distinct literary work in Sindhi literature but aimed to advocate and providing wakefulness for social change.*

**تعارف :**

فَنَ ۽ فِڪُر جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان ڄاڻ پوي ٿي تہ  ادب ۾ مختلف تحريڪون يا بيان جا نمونا موجود رهيا آهن، جن جي اثر هيٺ نہ صرف ادب پر فنون لطيفہ جهڙوڪ: مصوري، فِن تعمير، پرفارمنگ ۽ اپلائيڊ آرٽ ۾ خوبصورتي ۽ لُطف سان گڏ انساني زندگيءَ جي معاشي،معاشرتي، نفسياتي ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن ۽ مسئلن تي فن پارا پيش ٿيندا رهيا آهن. هر تخليق ۾ اُن جي بيان واري خوبيءَ جي پنهنجي هڪ الڳ اهميت آهي. ادب جي بيان لاءِ انهن مختلف داستاني طريقن ۾ حقيقت نگاري هڪ اهڙو طريقو يا نمونو آهي، جيڪو مثالي يا رومانوي موضوعن کان سواءِ روزمره جي زندگيءَ کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اُن ۾ هميشہ عام ماڻهوءَ خاص طور تي هيٺين طبقي جي ماڻهن جي ۽ انهن جي معاملن ۽ مسئلن جي ڳالهہ ڪئي ويجي ٿي. اُن حوالي سان فرينچ ڊاهي Jule-FranÇais Champfleury جي ڏنل مينيفسٽو جي تشريح ڪندي Tyler Biscontiniچئي ٿو:

"The Realism literary period emerged in the nineteenth century as a reaction against Romanticism, which emphasized emotional expression and often included fantastical elements. Realism sought to depict life accurately and truthfully, focusing on the everyday experiences of ordinary people without embellishment or stylization. This genre often explored complex political, social, and personal themes, highlighting the struggles and mundane routines of individuals in a rapidly changing world."(1)

حقيقت نگاري ڪنهن هڪ صديءَ يا ڪنهن هڪ ليکڪ يا ليکڪن جي گروهہ تائين محدود نہ آهي اها گهڻو ڪري 19هين صديءَ جي فرانس ۾ ادبي تحريڪ سان لاڳاپيل آهي. خاص طور تي فرانسيسي ناول نگار فلوبرٽ (Flaubert) ۽ بالزڪ (Balzac) قابل ذڪر آهن. ان سان گڏوگڏ جارج ايليٽ (George Eliot) انگلينڊ ۾ ۽ وليم ڊين هاوليز (William Dean Howells) آمريڪا ۾ حقيقت نگاري متعارف ڪرائي.

حقيقت نگاريءَ جو تعلق خاص طور تي وچولي ۽ هيٺين طبقن جي روزمره جي زندگيءَ جي عام معاملات سان رهيو آهي، جتي ڪردار سماجي عنصرن جي پيداوار هوندو آهي ۽ اُن اثر هيٺ لکيل ادب ۾ انساني زندگيءَ جي معاشي، معاشرتي، نفسياتي ۽ ٻين پاسن جي پيچيدگين جو تذڪرو يا تجزيو لازمي عنصر آهن. دراصل حقيقت نگاري ادب ۾ بيان جو هڪ اهڙو طريقو/انداز آهي، جيڪو روزه مره جي حقيقت کي سچائي سان بيان ڪري اڳتي وڌي ٿو. اهو به ضروري نه آهي ته تخليقڪار جي ڪا به ادبي تخليق ڪنهن سچي واقعي يا حادثي تي مبني هجي پر اها تخليق پنهنجي بيان واري نموني ۾ پنهنجي وقت جي موجوده حقيقتن جي عڪاسي ڪري, نه صرف اهو ادب جو نمونو حقيقت ۾ عملي طور تي ٿي سگهجندڙ هجي پر ان جا ڪردار، جملا ۽ ماحول به حقيقت ۾ ٿي سگهجندڙ هجي.ڊاڪٽر ارپيت ديو ان کي بلڪل آسان ڪري بيان ڪيو آهي:

"Modern criticism frequently insists that realism is not a direct or simple reproduction of reality (a 'slice of life') but a system of conventions producing a lifelike illusion of some 'real' world outside the text, by processes of selection, exclusion, description, and manners of addressing the reader. In its methods and attitudes, realism may be found as an element in many kinds of writing prior to the century ago."(2)

سماجي حقيقت نگاري دراصل حقيقت نگاريءَ جو ئي هڪ لاڙو آهي. جنهن جي بيان ۾ رومانويت جو عنصر به شامل نظر اچي ٿو. يعني هن لاڙي تحت سماجي حقيقتن کي بيان ڪندي فرد جي اندروني ڪيفيت، جذبن ۽ احساسن کي پڻ اظهاريو وڃي ٿو. هن لاڙي هيٺ فنون لطيفہ يعني مصوري ۽ پرفارمنگ آرٽ خاص طور تي ٿيٽر ۾ تمام گهڻو ڪم ملي ٿو.19 هين صديءَ جي آخر ۽ 20 هين صديءَ جي شروعات ۾ هينرڪ ابسن (Henrik Ibsen) ۽ برناڊ شا (Bernard Shaw) ٿيٽر، فلم ۽ ڊرامي ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ کي پيش ڪيو، جنهن کان پوءِ اُن گهڻي مقبوليت ماڻي ۽ اڳتي هلي اها دنيا جي ٻين زبانن جي ادب تي به اثر انداز ٿي.

"Social Realism as a distinct movement began to take shape in the early 20th century, particularly in response to the economic hardships of the Great Depression. Artists like Diego Rivera in Mexico, Dorothea Lange in the United States, and Käthe Kollwitz in Germany used their art to shed light on the struggles of the working class and the impact of social and political injustices.

Some key characteristics of Social Realism include a focus on the everyday lives of ordinary people, a commitment to depicting the truth and authenticity of human experiences, and a desire to raise awareness of social issues. Artists working in this style often use a realistic and detailed approach to their subject matter, aiming to capture the raw emotions and struggles of their subjects."(3)

سماجي حقيقت نگاريءَ جي حوالي سان ڪن نقادن جو اهو به خيال آهي ته هي ناسٽيلجا جي ڪيفيت آهي. جنهن ۾ ليکڪ اڳ ئي طئہ ٿيل قاعدن يا حدن اندر رهي حقيقتن کي پرکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.هو ايندڙ تبديلن کي قبول ڪرڻ کان گهٻرائي ٿو.

"After looking at a number of definitions of realism and realist movements, this thesis has yet to find a consensus among scholars. Therefore, with the aid of these definitions, this thesis defines Social realism as

the creative treatment and respect for reality with the episodic narrative focus, combined with the observational style of camerawork, of an individual's relationship with the environment, with society and with the family unit. This definition can be viewed in line with the psychological definition from the start of this chapter, the way one perceives and articulates a conscious and subconscious understanding of a media text that is used to reflect society is import in terms of not only decoding and encoding a text to determine its relevance within the social realism filmmaking style but can be further attributed to the role nostalgia plays within social realism and how one may interpret it."(4)

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي ۾ حقيقت نگاريءَ سان گڏ سماجي حقيقت نگاريءَ جو عنصر موجود آهي. سنڌ جي نامور ڪهاڻيڪار علي بابا جي ڪهاڻين، ناول ۽ ڊرامن ۾ اُن لاڙي جو عنصر موجود آهي.هو پنهنجي دور جو سڄاڻ، باشعور ۽ تاريخ جي ڄاڻ رکندڙ ڪهاڻيڪار هو. هن پنهنجي دور جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي حالتن جو خوب ادراڪ ڪيو هو. سندس هر ڪهاڻيءَ ۾ اهڙا عڪس ۽ اولڙا پسجن ٿا. اسان علي بابا کي 'اتهاسڪ تخليقڪار' چئي سگهون ٿا. هو پنهنجي ڌرتي، مٽي، درياءَ، ٻوٽن، ٻيلن، ماڻهن، رسمن، رواجن، ٻوليءَ، ڍاهپ، پکين، جانورن سان پيار ڪندڙ ليکڪ هو، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي ڌرتي، مٽي ۽ ڌرتي واسين سان پيار ۽ محبت جي ڪري هر نئين ايندڙ تبديليءَ تي بہ بيچين ٿيندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته هو ايندڙ تبديليءَ جي حالت ۾ پنهنجي اصليت ۽ نج پڻي کي قائم رکڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي شهرن ۾ ايندڙ ٻونچال تي لڇندو ۽ تڙپندو نظر اچي ٿو، ڪوٽڙيءَ کان پوءِ شايد ڪراچي هُن جو محبوب شهر هو. هو پنهنجين ڪيترن ڪهاڻين ۾ ڪراچيءَ جي حالتن بابت پريشانيءَ جو اظهار ڪندو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ورهاڱو بہ هن جو موضوع رهيو آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي پريشانين ۽ ڳڻتين جو اظهار ڪيو آهي. ورهاڱي جي ڪري هن جي محبوب شهر ۾ نہ رڳو تبديلي ٿئي ٿي، جيڪا هن کي پسند نہ آهي پر هن جو ننڍپڻ جو دوست موهن ڪلپنا هتان لڏي هليو ٿو وڃي، جنهن جو وڇوڙو بہ ان موضوع تي زور ڏيڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو. ان مان ئي علي بابا جي حساس هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. درد، تڙپ، بيقراري هُن کي هروقت ذهني طور ڪنهن نہ ڪنهن آنڌ مانڌ جي نظر ڪريو ڇڏي، جنهن ڪري هُن جي لکڻين ۾ بي انتها ڏک آهي. انساني حالتن جو ڏک، بُک جو ڏک، غربت سبب ماءُ جي سڪي ويل ڇاتين مان معصوم ٻار کي کير نہ ملڻ جو ڏک، پنهنجي ثقافت يا ڪلچر جي مَتجڻ/مِتجڻ جو ڏک، يعني هو ايترو حساس آهي، جو نانگ جي تڙپي مرڻ تي بہ هو ڏکارو ٿي وڃي ٿو. ۽ اهي ئي موضوع علي بابا کي سماجي حقيقت نگار ليکڪن جي صف ۾ آڻي بيهارن ٿا.

**تجزيو:**

علي بابا هڪ ڪهاڻيڪار جي صورت ۾ هڪ سماجي حقيقت نگار پڻ آهي. هن پنهنجي دور ۾ جيڪو ڏٺو، محسوس ڪيو ۽ ڀوڳيو اهو ئي لکيو. ۽ لکت ۾ بہ اهڙي طرز اختيار ڪئي، جو اُن ڪري ڪهاڻي پڙهندڙ ڄڻ هُن جي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن سان گڏوگڏ ان ئي ماحول ۾ پاڻ کي محسوس ڪري ٿو. هن ڪيترين ئي موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن پر انهن سمورن جي تند پنهنجي سماج ۽ ان جي مسئلن، معاملن ۽ حالتن سان ڳنڍيل آهي. علي بابا جي گهڻو ڪري سموري تخليقي ڪم ۾ سماجي حقيقت نگاري واضح نموني نظر اچي ٿي، پوءِ چاهي اهو ناول هجي، ڊرامو يا وري ڪهاڻي.

هن مقالي ۾ علي بابا جي ڪهاڻي ڪتاب "جنم ڀُومي شمشان ڀُومي" ۾ موجود ڪهاڻين کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. علي بابا جي لکيل ڪهاڻين مان هڪ ڪهاڻي "سَتُر جو ڀاڻي" سماجي حقيقت نگاريءَ جو بهترين نمونو آهي.

”سَتُر جو پاٽي“ سماج جي ٻن طبقن جي  فرق ۽ ميلاپ جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار عام طور سماجي اڻ برابريءَ کي ظاهر ڪن ٿا. ڪهاڻيءَ جي مُک ڪردار هيٺئين طبقي سان تعلق رکندڙ نائڪا ”سمي“، جيڪا ٻئي مُک ڪردار کي”سائين“ ڪري مخاطب ٿئي ٿي، جنهن جو تعلق سماج جي مٿئين طبقي سان آهي. ٻنهي ڪردارن وچ  ۾ ڏيکاريل طبقاتي فاصلو ۽ انهن جي جذباتي، اخلاقي، سماجي فرقَ اسان جي موجوده سماج جي هڪ وڏي حقيقت آهن. هڪ طبقو جنهن وٽ عورت وندر جو سامان ۽ وقت گذارڻ جو ذريعو آهي. ته ٻئي پاسي نائڪا جي ڪلاس ۾ وفاداري، حياء محبت، چاهت ۽ پاڻ ارپڻ جو نالو آهي. علي بابا جي هي ڪهاڻي بنيادي طور Socio Economic جهڙي موضوع جي ويجهو ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ معاشي ۽ معاشرتي تفاوت کي سهڻي نموني واضح ڪيو ويو آهي، جيئن سميءَ کي سندس ماءُ اُن طرف وڃڻ کان روڪيندي خوف جو احساس ڏياري ٿي:

”پٽ انهن بنگلن ڏانهن  ڪڏهن به نه وڃجانءِ اهي ڪاڪ محلات رڳي پري کان ائين سهڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي خالي خالي ۽ سُڃا آهن انهن ۾ ڪو ڪو نه ٿو رهي. انهن ۾ ڪنهن جا خواب نه ٿا پورا ٿين.ايڏانهن ڪڏهن نه وڃجانءِ “  سمي اٽڃاتل خوف جي احساس ۾ ويڙهجي انُ طرف وڃڻ کان انڪار ڪري ٿي :  ”.....نه سائين نه مان ڪو نه ايندس“(5)

پر ’سائين‘ (مُک ڪردار) سميءَ کي مختلف حربن/بهانن/طريقن سان ان کي پنهنجي چاهت جو يقين ڏياري ٿو ۽ سمي پنهنجي معصوم يا دٻيل خواهشن جي حاصلات لاءِ ان تي يقين ڪري ٿي.

”چا توکي مون تي پروسو ناهي.مان تو کان سواءِ پاڳل ٿي ويندس. سميءَ مان تو سان شادي ڪندس.توکي پنهنجي گهر وٺي ويندس. منهنجي اکين ۾ سمي ڏس!.“

”سچ....“

”ها ها.... سمي تون يقين ڪر.“

(سمي سمنڊ ڏانهن نهاريندي) ” ... هي خوني پاٽي آهي. اسان جي ڳوٺ جون ڪئين الهڙ ڇوڪريون انهيءَ پاٽيءَ جي ٻَک چڙهي ويون آهن....“(6)

ڪهاڻي سوشو اڪانامي يا اسٽيٽس ڪو جي چوڌاري گهمي ٿي.

”هنن عورتن ۽ سمي ۾ ڪيترو فرق هو. هن ياسمين کي 800 روپين جي ساڙهي وٺي ڏني هئي، تڏهن به ڪيس پسند نه آئي هئي. ۽ هڪ واري جڏهن هو سميءَ جي چيلڙيءَ لاءِ ٽلي وٺي آيو هو ته هوءِ ڪيتري نه خوش ٿي هئي.“(7)

هو جڏهن سالن پڇاڻا وري سميءَ کي ياد ڪري ٿو ته  سندس بيچيني وڌي ٿي ۽ هو ان ڏانهن موٽي وڃي ٿو.

”ڪونهر تي ٻيٺي ڇڻ هن کي ورهيه گذري ويا“

”هڪ ٻڪري اچي پاٽي پيئڻ لڳي هئي، هن جي ڳچيءَ ۾ ٽلي ٻڌل هئي. اها ئي ساڳي ٽلي، جا هن سميءَ جي فرمائش تي آندي هئي....“

” ’سمي ڪٿي آهي؟‘

’هيئر تو پڇين سمي ڪٿي آهي‘

’تو جو سميءَ جو سترُ نه رکيو ته چا.  سمنڊ ته ڪو نه سُڪي ويو آهي.....‘ “(8)

سميءَ جو ڪردار سماج جو اهو ڪردار، جيڪو حيا/وفاداريءَ کي ئي پنهنجو پرم سمجهي سموري حياتي گذاري ٿو. ’سائين‘ جو ڪردار سماج ۾ پئسي ۽ طاقت کي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو. ان وٽ شين جي حاصلات جو ذريعو پئسو ئي آهي. علي هي ڪهاڻي لڳ ڀڳ اڌ صدي اڳ لکي هئي پر سماجي ڍانچي ۾ اڄ تائين ڇا تبديل ٿيو ۽ ڪيئن تبديل ٿيو. اهو بحث جهڙو نقطو آهي. سماجي سرشتي ۾ هميشه کان ٽي طبقا رهيا آهن هيٺيون (Lower)، وچولو (Middle) اوچو يا امير(Elite). هر شيءِ، امير طبقو (Elite Class) پيسي سان حاصل ڪرڻ گهري ٿو. هُن وٽ رشتن جو احساس، وفاداريءَ جو معيار جدا آهي. مڊل ڪلاس پنهنجي هيئت ۾ اڃا تائين پنهنجي حيثيت مجرائي نہ سگهيو آهي. اهو هن وقت شديد ڪشمڪش جي حالت مان گذري رهيو آهي. لوئر/هيٺيون طبقو فقط پنهنجي زندهہ رهڻ جي جدوجهد ۾ مصروف آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ان وٽ سڀ کان اهم وفاداري، حيا آهي. علي بابا جو ڪردار ’سمي‘ اُن جو مثال آهي. اتي اهو سوال اٿي ٿو تہ پيسي جي اڻ هوند جي ڪري ئي اُنهن وٽ وفاداري/حيا کان سواءِ بيو ڪجهہ بہ نہ ٿو رهي؟.

”اسان جون مائرون ويچاريون اسان کي چونديون آهن تہ پُٽ! انهن بنگلن ڏانهن ڪڏهن نہ وڃجو. اهي گهر پَور وٽن وانگي جهٽ ڪِريو پون.....“(9)

ماءُ جي ڏور رس نگاهہ يا وقت سان گڏ حاصل ٿيل تجربو يا مشاهدو ئي آهي، جيڪو الهڙ/الڙ ڇوڪرين کي روڪي ٿو. پر ’مکڻ‘ جو ڊائلاگ: ”تڏهن بہ اسين انهن ڪاڪ محلاتن جا خواب لهنديون آهيون اسان موڪيون آهيون نہ!“(10)

اها موڪائپ بنيادي طور تي دبيل خواهشن جي حاصلات آهي، جنهن ڪري اُهي جلد يقين جي سڳي ۾ ٻڌجي وڃن ٿيون.جنهن جو علي بابا اظهار ڪري ٿو. نفسياتي طور ٻئي ڪردار پنهنجي خواهشن جي حاصلات لاءِ جتن ڪن ٿا. حاصل ٿيڻ کان پوءِ طاقتور لاءِ اهو جسم ”پاروتو گوشت“ ۽ ساڳي وقت سميءَ جهڙن ڪردارن لاءِ پنهنجي حيا/وفاداري ثابت ڪرڻ لاءِ سمنڊ سَتُر پوش ٿجي وڃي ٿو!!

اڄ بہ اسان جي سماج ۾ اهڙا ڪردار ۽ واقعا موجود آهن، جن تي بدلجندڙ معاشي ۽ نفسياتي حالتن جي پس منظر ۾ سوچڻ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

”نانگا ننڍ نہ ڪن....“ هڪ طويل ناستليجا جي ڪهاڻي آهي. ڪردار پنهنجي ماضيءَ کي وسارڻ نہ ٿو گهري يا ڪردار پنهنجي ماضيءَ کي ئي شاندار سمجهي ٿو. هو ڪنهن بہ نئين تبديلي (سماجي، ثقافتي) کي قبول نہ ٿو ڪري يا ڪرڻ نہ ٿو چاهي. هو پنهنجي ماضيءَ جي شاندار روايتن، ماحول ۾ ئي جيئڻ چاهي ٿو. علي بابا جي هي ڪهاڻي بہ پنهنجي اندر ۾ گهري بيچيني رکي ٿي. هر وقت جي هورا کورا، جيڪا هن جي زندگيءَ کي بي ترتيب بڻائي متحرڪ بڻائي ٿي. ڪهاڻيءَ جو مُک ڪردار علي بابا خود ئي لڳي ٿو. ڪراچي بابت هن جي ڪا هي پهرئين ڪهاڻي نہ آهي ان کان بہ اڳ هو ڪراچي بابت لکي چڪو آهي. ڪراچي، جيڪو ملڪ جو ميٽروپوليٽن (گهڻ آبادي سان گڏ گهڻ ٻوليائي ۽ گهڻ ثقافتي) شهر بڻجي چڪو آهي. هُو اُن جي رنگن ۾ موهن جي دڙي، ڪارونجهر جي ثقافت جا رنگ پسڻ گهري ٿو. ڇا اها علي بابا جي خواهش آهي يا اُها علي بابا جي ناستيلجيا!؟ تبديلي تہ هرحال ۾ اچڻي آهي. اچي وئي آهي. اسان حدِ نگاهہ خطي جي ثقافت جي رنگن کي پسيو آهي. اهي اسان لاءِ نهايت شاندار آهن، ڇا انهن کان اڳ جي سنڌ بہ اها ئي هئي. حملي آورن هميشہ هِن خطي جي ثقافت کي تباهہ ڪري مٿس پنهنجي ثقافت نہ مَڙهي آهي. اسان کي ثقافت ۽ ڪلچر کي بہ سمجهڻو پوندو. ڇا ثقافت ۽ ڪلچرپنڊ پهڻ ڪنهن خاص ماحول/روايت جو نالو آهي يا اها متحرڪ آهي. جاندار آهي. جيڪڏهن اها بيٺل آهي بي جان آهي تہ پوءِ هي سموري تبديلي ڪيئن اچي رهي آهي. ۽ جيڪڏهن اها جاندار آهي تہ پوءِ تبديليءَ کان پئو ڇا جو آهي. تبديلي اچڻي آهي پر ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ اُها تبديلي اُن مٽيءَ جي واس کان سواءِ هجي؟ انسان فطري

طور تي پنهنجي ماضي سان پيار ڪري ٿو. علي بابا بہ ڪري ٿو. هُن جي اها ناسٽيلجيا ئي هُن کي بي چين ڪري ٿي. بي ترتيب بڻائي ٿي ۽ متحرڪ بڻائي ٿي. علي بابا جي ڪهاڻي پنهنجي ماضيءَ جي رنگن ۾ گم هئڻ باوجود متحرڪ آهي. اُن عنوان تي سوچڻ گهرجي!!

آزادي يا خود مختياري يا پنهنجي انفرادي حيثيت جي مڃتا، هر انسان جو بنيادي حق آهي. هر شخص فردي سڃاڻپ چاهي ٿو. ”وڇايل ٻار“ علامتي ڪردار آهي سموري قيد ٿيل سماج/معاشري جو! سماج جڏهن پنهنجي انفرادي سڃاڻپ يا حيثيت نہ ماڻي سگهندا هجن يا انهن کي ان عمل مان گذرڻ جي سخت سزا ڏني ويندي هجي تہ پوءِ اُهي سماج پنهنجي خوشحاليءَ کان پري ۽ انتشار جي گهٽا ويڄها هليا ويندا آهن. علي بابا پنهنجي روح جي ان بيچينيءَ کي اظهاريو آهي. جيڪا عالمي آهي. هو ڪنهن فرد جي انفرادي سڃاڻپ جي ڳُهر نہ ٿو ڪري بلڪ هو آزاد، صحتمند معاشري جي ڳالهہ ڪري ٿو. هڪ زندهہ سماج جي ڳالهہ ڪري ٿو: ”ڪير آهين تون؟ آزاديءَ جا گيت چو ٿو ڳائين، مون کي ٻڌاءِ وطن ڇا ٿيندو آهي....؟ سندس آواز زخمن کان چور ديواني ۾ ڇڻ ساهہ پٽجي ويو هو.ڪِنجهندي، رتو ڇاڻ مُنهن مٽي ڪٽي، ارتين اکين سان ڏانهنس نهاري، کُهري سهڪندڙ آواز سان چيائين:

”آزادي ڇا آهي، اهو پڇري ۾ ڦاٿل ڪنهن پکيءَ کان وڃي پڇ ۽ وطن ڇا ٿيندو آهي، اهو انهيءَ ٻار کان وڃي پڇ جو ماءُ کان وڇڙي ويو هجي، توکي پنهنجي سوال جو جواب ملي ويندو“ هن جي هانوَ تي ڄڻ ٻٽيچي لڳي هئي.! “(11)

شهرن کان سندن سڃاڻپ کسي پئي وڃي!.. شهرن کان سندن سڃاڻپ کسي وئي آهي! شهرن جي سڃاڻپ کسڻ معنيٰ اُن شهر جي ثقافت، تهذيب، مزاج ۽ ماحول کي مٽائڻ ۽ مِٽائڻ برابر آهي. هر شهر جو پنهنجو خاص مزاج ٿئي ٿو ان تي قابض ٿيڻ معنيٰ اُن جي اصليت کي ختم ڪرڻ آهي. ’ڪليم‘ اصل باشندن جي حق تي ڌاڙو آهي. سڌو سنئون ناحق آهي. ان ناحق کي ڏاڍ سان حق بڻايو ويو. اها روش ڪا نئين نہ آهي، جيڪا هر طاقتور هر دور ۾ پنهنجي اختيار سان اختيار ڪئي آهي. جيڪا هتان جي/اُن ڌرتيءَ جي اصل رهاڪُن ڪڏهن بہ قبول نہ ڪئي آهي. علي بابا جي ڪهاڻي ”آخري مراد“بہ ان ئي پس منظر ۾ لکيل آهي. هو بہ پنهنجي شهرن جي ثقافت، ڪلچر، مزاج جي کسجڻ کي پنهنجو وطن کسجڻ جي برابر سمجهي ٿو.

ڪهاڻي ”دَٻلي ۾ دَٻلي،ڏيري ۾ ڏيرو“ ۾ بہ سنڌ مٿان ثقافتي يلغار کي بيان ڪيو ويو آهي. اها ثقافتي يلغار سنڌ مٿان گذريل مني صديءَ کان نہ هزارين سالن کان هلندڙ آهي. هر فاتح/ظالم طاقتور، طاقت جي زور تي مقامي ثقافت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ڪامياب بہ ٿيندو آهي. سنڌ مٿان ٿيل ڪاهن، حملن سبب هتان جي ثقافت تبديل/متجندي رهي آهي. علي بابا جي هي ڪهاڻي اُن ئي پس منظر ۾ آهي. ثقافتن/ڪلچر کي وقت سان گڏ تبديل ٿيڻو پوندو آهي. پر اها بہ حقيقت آهي تہ ثقافت جو مذهبن سان تعلق ڪو گهرو نہ هوندو آهي. ثقافت کي ايجاد نہ ڪيو ويندو آهي. اها تہ پيدا ٿيندي آهي. طاقتور اُن ۾ بگاڙ پيدا ڪري پنهنجي حيثيت مجرائڻ چاهيندو آهي. اهڙو عمل ثقافتن اندر بگاڙ پيدا ڪندو آهي ۽ اهو اڳتي هلي مروج ٿي ثقافت جي هڪ نئين شڪل اختيار ڪندو آهي.

علي بابا جو ڪردار خود بہ ديومالائي ڪردار آهي. هو پيڙيل هيٺين طبقي جو دوست آهي. هو سماج مان ڌڪاريل طبقي جي اهميت ۽ حيثيت جو قائل آهي. هو ڌرتيءَ جي قديم باشندن سان پيار ڪري ٿو. سندس ڪهاڻي ”منهنجي آتم ڪهاڻي“ سندس اهڙو تعارف آهي، جيڪو هو خود ڪرائي ٿو. هو طبقي/Status جي ڏک/درد/ تڪليف/پيڙاء کي پاڻ مٿان محسوس ڪري پو ڳي ٿو. جنهن جو اظهار هو هر ڪهاڻي ۾ ڪندي نظر اچي ٿو!

اسان جي تاريخ مسخ ٿيل آهي. ان کي ڪتان لکجي ۽ ڪيئن لکجي. علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ جا ڪيترائي عڪس ۽ اولڙا آندا آهن. هُن جا ڪيترائي جملا نڙي ۾ اٽڪي پيل نفرت ۽ ڪاوڙ پريا اهڙا جملا آهن

جيڪي الائي تہ ڪيترن جي نڙي ۾ اٽڪي پيا آهن.”دنيا مريخ تان وڃي نڪتي آهي ۽ هو جَوءِ جا ...اجا گهوڙا گهوڙا پيا ڪن.“(12)

اسان کي خبر نہ آهي چو پنهنجي ڌرتي/مٽيءَ جو واس نہ ٿو موهي؟ ڇا اسان ايترا ڪمزور/هيٺا يا اندران پُورا آهيون جو پاڻ کي هر طاقتور سان جُوڙڻ کي فخر سمجهون ٿا. هن سوال جو جواب اسان کي ماضيءَ جي ڊگهي سفر ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اسان کي ان باري ۾ سوچڻ گهرجي تہ جيئن هن وڏي نفسياتي مونجهاري مان نڪري سگهون. اسان کي مهاڻو ۽ لوهاڻو سڏائڻ ۾ فخر ڪرڻ گهرجي! پر هاڻ تہ مهاڻا بہ پنهنجي سڃاڻپ مٽائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا! ڇا ذات مٽائڻ سان اسان وڏيڪ معتبر ٿي ويندا سين؟ يا اُهي ساڳيائي رهنداسين. جيڪي اسين پنهنجي صلاحيت ۽ ڪردار جي بنياد تي آهيون. اها روش صدين کان اسان مٿان ڌارين ڪاهه سبب پيدا ٿي آهي. اسان کي پنهنجي مٽيءَ سان جُڙڻ گهرجي نہ ڪي ڌارين حملي آوارن ۽ ظالم ڦورون جو غلام بڻجي پنهنجي سڃاڻپ ختم ڪرڻ گهرجي!!!

**نتيجا:**

هن مقالي ۾ علي بابا جي ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي لاڙي کي ڏٺو ويو آهي. هن تحقيق مان هيٺيان نتيجا سامهون آيا آهن:

1. بنيادي طور تي علي بابا جي ڪهاڻين ۾ طبقاتي فرق، ننڍ وڏائي،پيار،عورت، ورهاڱي سبب شهرن اندر ثقافتي ۽ لساني تبديليءَ کان ويندي غربت، بک جهڙا سماجي مسئلا پيش ڪيل آهن.
2. طبقاتي فرق ۾ عورت کي جنس طور سمجهيو وڃي ٿو. علي بابا ”سَتُر جو پاٽي“ ڪهاڻي ۾ سماج اندر اهڙن ناڪاره ۽ غير صحتمند روين کي ننڌي ٿو. هُن جي نظر ۾ عورت مقدس آهي، جنهن کي سندس سمورن احساسن،جذبن ۽ صلاحيتن سميت پنهنجو ساٿي بڻائڻ گهرجي.
3. علي بابا جي اڪثر ڪهاڻين ۾ معاشري ۾ ايندڙ ثقافتي تبديليءَ جو ذڪر موجود آهي. Cultural Studies کي علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن جي پٺيان سندس پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ ماڻهن سان جُڙيل وابستگيءَ جو عنصر موجود آهي.
4. علي بابا پنهجي شهرن ۾ ايندڙ ثقافتي تبديليءَ کي جيئن جو تيئن قبول نہ ٿو ڪري. سندس ناسٽيلجائي طبيعت کيس ائين ڪرڻ نہ ٿي ڏئي.
5. ڪهاڻي”وڇايل پار“ ۾ علي بابا فرد جي نہ قوم جي خود مختيار هجڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. فرد/قوم جيستائين خود مختيار/ آزاد نہ هوندي اُن وقت تائين اها ترقي نہ ڪري سگهندي.
6. علي بابا پنهنجي حساس طبيعت سبب پنهنجي ڪهاڻين ۾ بہ بنهہ گهڻو حساس آهي. حساس پڻو سندس ڪهاڻين جو مُک عنصر/رويو آهي.
7. علي بابا هڪ اُجري، صحتمند سماج جي ڳالهہ ڪري ٿو. جنهن جو هر فرد پنهنجي ذميواري مڪمل سچائي سان ادا ڪري.
8. مجموعي طور تي علي بابا جي ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري، رومانويت سان گڏجي سماجي حقيقت نگاريءَ جي شڪل اختيار ڪري ٿي.

**تجويزون :**

علي بابا جي چونڊ ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي لاڙي کي هن مقالي ۾ مختصر طور پيش ڪيو ويو آهي. علي بابا بنيادي طور پنهنجي ڌرتي ۽ سماج سان جُڙيل ڪهاڻيڪار آهي. هُن ڪهاڻي ذريعي سماجي براين کي تخليقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين توڙي ڊرامن ۽ ناولن تي تفصيلي تحقيق جي ضرورت آهي. مثال طور:

1. علي بابا جي مڪمل ڪهاڻين کي رومانويت، حقيقت نگاري، سماجي حقيقت نگاري ۽ ادب جي جدا جدا نظرين، لاڙن جي روشنيءَ ۾ تحقيقي انداز ۾ پرکيو وڃي.

2. علي بابا جي ڪهاڻين جو نفسياتي اڀياس ٿيڻ گهرجي ته ڪهڙيءَ ريت هڪ ڪردار اينڊڙ تبديليءَ کي قبول نه ڪري سگهڻ جي صورت ۾ وجودي طور تي ڪهڙين ڪيفيتن کي منهن ڏئي ٿو.

3. علي بابا جي ڪهاڻين توڙي ناول ۽ ڊرامن جو لساني اڀياس ڪيو وڃي. علي بابا پنهنجي تخليق ۾ عام طور تي ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ جا بگڙيل لفظ يعني"غلط العام"کي به پيش ڪيو آهي، جنهن سبب سندس اسلوب وڌيڪ نرالو ٿي نروار ٿيو آهي.

4. علي بابا جي ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامن جو همعصر دور جي ادب سان پرک ڪئي وڃي ته جيئن نه رڳو سندس اهميت واضح ٿئي، پر ويجهي دور ۾ لکجندڙ سنڌي افسانوي ادب جا مختلف فڪري محرڪ ۽ رخ نروار ٿي سگهن.

## حوالا


1. Biscontini, Tyler (2024), Realism literary period, Research Starters, EBSCO Knowledge Advantage, EBSCO.com . https://www.ebsco.com/research-starters/literature-and-writing/realism-literary-period
2. Dave, Arpit, Dr. 2019. "Social Realism in English Literature." The Refereed & Peer Review International Journal 3 (39): 11. https://www.researchreviewonline.com/upload/articles/paper/RRJ000046.pdf
3. Social Realism – Definition, Examples, History & More – Art Theory Glossary – https://jerwoodvisualarts.org./
4. Lewis James Kellett, (2017), "*Nostalgia in the British Cinema: The Significance of Nostalgia in the Social Realist Filmmaking Tradition with a Focus on the Work of Shane Meadows*" York St. John University .P.36 https://ray.yorksj.ac.uk/id/eprint/3284/

5. بابا، علي، 'جنم ڀُومي، شمشان ڀُومي'، ترتيب: ڊاڪٽر اسحاق سميجو، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2017ع، ص: 260.

6. ساڳيو، ص: 262.

7. ساڳيو، ص: 263.

8. ساڳيو، ص: 265-264.

9. ساڳيو، ص: 265.

10. ساڳيو، ص: 266.

11. ساڳيو، ص: 63.

12 ساڳيو، ص: 160.